سلسليوار

# سروري سرهاڻ

## مئگزين هالا

ڪڙي نمبر-7 | نومبر2019ع کان جنوري 2020ع تائين | قيمت 50 رپيا

جان هڪڙي جي ناهي ڪا پرواهه،سوَ هجن ته به ڪري ڇڏيان قربان،
منهنجا محبوب تنهنجون سڀ ڳالهيون،منهنجي ڪارڻ حديث ۽ قرآن.



Gul Hayat Institute

**اسان جو پيار وجي پهتو انتها کي فهيم، زماني ساري اجا تائين سرسري سمجهيو**



# پيغام

اسان اڄ اعليٰ حضرت قبلا مخدوم امين فهيم جن جي چوٿين ورسي ملهائي رهيا آهيون وقت گذرندي ويرم ئي نٿي ٿئي ڪا لهوڪو ڪو ڏينهن لڳي پيو جو قبلہ مخدوم امين فهيم اسان سان گڏ هئا، اڄ بہ يقين نہ ٿو اچي تہ ڪو پاڻ اسان کان وڇڙي ويا آهن. پاڻ اسان جي دلين، ذهنن ۾ زنده آهن زنده رهندا، پاڻ اسان لاءِ ڇپر ڇانوَ ۽ دنياجا شاندار انسان هئا، سندن ورسي تي سروري جماعت وارن لاءِ پيغام آهي تہ سروري تنظيم جي پليٽ فارم تي متحد ٿي هڪٻئي جي ڏک سک ۾ شامل رهو، غريب ماڻهن جي مدد ڪريو، ڪنهن جي دل نہ ڏکايو، اولاد کي وڌ کان وڌ تعليم ڏياريو، دنيا جو اقتدار وڏي شيءِ نہ آهي، الله سائين جو جيڏو نالو آهي تيڏو آسرو آهي، سروري جماعت کي چوندس تہ الله سائين جو ذڪر ڪريو، پاڻ سڳورن صہ جي پيروي ڪريو، ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪريو نمازون پڙهو، ٻارن کي قرآن شريف جي تعليم ڏياريو، ڏاڍي پاڪ بخشڻهار آهي، سروري جماعت غريبن، فقيرن جي جماعت آهي، الله سائين توفيق ڏيندو ڏني تہ جماعت لاءِ ڪجھ ڪريان جماعت لاءِ دعا آهي تہ سدا خوش هجن خير سان هجن، سکيا ستابا هجن، اهو ڏسي خوشي رهي آهي تہ سروري سرهاڻ ميگزين پاران حضرت قبلہ مخدوم امين فهيم جن جي چوٿين ورسي تي خصوصي ايڊيشن شايع ڪيو ويو آهي.

**مخدوم جميل الزمان**

**سجاده نشين درگاهہ عاليہ حضرت غوث الحق مخدوم سرور نوح رحہ**

> کنڊن تان روح گذريو آ، گسن جو درد شاهد آ، رناسين ڪيترو تولاءِ، اکين جو درد شاهد آ،
> سفر ڪيڏو ڪري وياسين، اهو پيچان تون منزل کان، رتورت پير پنهنجا هئا، بدن جو درد شاهد آ.



# پيغام

اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم امين فهيم جهڙيون شخصيتون وري پيدا نہ ٿينديون، پاڻ اسان کين هڪ پل جي لاءِ بہ نہ وساري سگهيا آهيون، پاڻ ملڪ جا برک سياستدان بهترين شاعر، سماج سڌارڪ، شفيق شخصيت هئا، پاڻ مخدوم خاندان سروري جماعت توڙي ۽ علائقي وارن لاءِ ڇپر ڇانوَ هئا سندن چوٿين ورسي تي کين خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. سندن ورسي تي هالا آيلن کي دل جي گهراين سان ڀليڪار چئون ٿا. اهو ڏسندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي تہ سندن ورسي تي سروري سرهاڻ مئگزين پاران خصوصي ايڊيشن شايع ڪيو ويو آهي، مخدوم خاندان هميشہ عوام جي بنا فرق خدمت ڪئي آهي جيڪا انشاءَ الله جاري رهندي.

**مخدوم محبوب الزمان**

**ولي عهد درگاهہ عاليہ غوث الحق حضرت مخدوم سرور نوح رحہ**
**صوبائي وزير روينيو ۽ رليف حڪومت سنڌ**

صلاحڪار بورڊ
سيد نور محمد شاهه
پير شبير احمد
پير بشير احمد
رئيس احمد خان ڪٽياڻ
حاجي محمد سومرو
محمد انور ميمڻ
گل حسن درس سروري

SARWARI SURHAN
سلسليوار
سروري سرهاڻ
مئگزين هالا

ڪڙي نمبر 7 نومبر 2019 ع کان جنوري 2020 ع تائين قيمت: 50 روپيا

سرپرست اعليٰ
مخدوم جميل الزمان "جميل"
چيف ايگزيڪيوٽو
مخدوم سعيد الزمان عاطف
چيف نگران
نور سنڌي
0334_2021806, 0301_2672216
Email: noor.sindhi17@gmail.com


# شرافت جو امين وفا جو پيڪر

اعليٰ حضرت جناب قبله مخدوم محمد امين فهيم جن جي چوٿين ورسي تي سروري سرهاڻ پبليڪيشن پاران خصوصي ايڊيشين اوهان جي هٿن ۾ آهي. پاڻ ملڪ جا عظيم سياستدان، نامور شاعر سروري جماعت جو روحاني پيشوا هئا، سنڌن سياسي سماجي ادبي خدمتون اڻ وسرندڙ آهن. پاڻ شرافت جا امين وڏي سهب وارا فقير منش شخصيت جا مالڪ هئا، پاڻ ظاهري طور اسان کان جدا ٿي ويا آهن پر اسان جي دلين ۾ هميشه زنده رهندا، اسان سروري سرهاڻ جي هن پرچي ۾ سروري جماعت جون خبرون سروري جماعت جي ٽيليفون ڊائريڪٽري، وصال ڪري ويل سروري جماعت جي مشهور شخصيتن جا فوٽن سان مختصر احوال ۽ ٻيو مواد به شامل آهي، اوهان جي تجويزن جو انتظار رهندو.

**مخدوم امين فهيم جو مخدوم طالب المولیٰ ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال وارو خواب ڪڏهن پورو ٿيندو؟**

اعليٰ حضرت مخدوم محمد مان طالب المولیٰ جن جي وصال بعد ٽيجهي تي اعليٰ حضرت مخدوم محمد امين فهيم جن حضرت غوث الحق مخدوم سرور نوح رحه جن جي سجاده نشين جي دستار پائڻ وقت اهو اعلان ڪيو هو ته هالا ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جن جي نالي سنا جديد اسپتال ٺاهي ويندي. 93ع ۾ پ پ حڪومت ۾ پاڻ اهڙي اسپتال ٺهرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پر پ پ حڪومت کي پنهنجو مودو پورو ڪرڻ کان اڳ ختم ڪرڻ ڪري سنڌن اهو خواب پورو نه ٿي سگهيو. 2008ع واري پ پ حڪومت ۾ سنڌس پاران ڏنل اسڪيم تي سنڌ حڪومت پاران هالا ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال ٺهرائڻ جو اعلان ڪيو ميڊيا جي اطلاعن موجب ان اسڪيم لاءِ بجيٽ به رکي وئي پر خبر نه آهي ڇو اها اسڪيم شروع نه ڪئي وئي، پ پ جي سنڌ ۾ ٻئي دور ۾ نومبر 2017ع ۾ حضرت مخدوم امين فهيم جي 2 ورسي تي هالا ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين وزيرن مشيرن پ پ اڳواڻن سان گڏ ان اسڪيم جو سنگ بنياد رکيو ان موقعي تي جناب بلاول صاحب تاڙين جي گونج ۾ اهو اعلان ڪيو هو ته ان اسڪيم کي جلد کان جلد شروع ڪري جلد مڪمل ڪيو ويندو، پر افسوس جو پ پ جي گذريل دور ۾ هن اسڪيم لاءِ بجيٽ نه رکڻ ڪري هي اسڪيم شروع نه ٿي سگهي، جڏهن ته نگران حڪومت جي اعلان کان اڳ پيش ڪيل مني بجيٽ ۾ به هن اسڪيم کي شامل نه ڪيو ويو، چونڊن بعد سنڌ ۾ پ پ حڪومت قائم ٿيڻ بعد جيڪا بجيٽ پيش ڪئي وئي ان ۾ هن اسڪيم کي شامل ڪرڻ جي باوجود مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال واري اسڪيم لاءِ بجيٽ نه رکي وئي جنهن ڪري هي اسڪيم شروع نه ٿي سگهي، جنهن ڪري قبله مخدوم امين فهيم جن جو خواب پورو نه ٿي سگهيو اسان پ پ جي چيئرمين بلاول زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي گذارش ڪريون ٿا ته مخدوم طالب المولیٰ ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال جي اسڪيم جلد شروع ڪري جلد مڪمل ڪئي وڃي جنهن سان اعليٰ حضرت مخدوم امين فهيم جن جو خواب پورو ٿيندو جنهن سان سنڌن روح به خوش ٿيندو.

---

سروري سرهاڻ مئگزين لاءِ مواد، نور سنڌي سرواڻ هائوس 114 نزد گورنمينٽ گرلس هائر سيڪنڊري اسڪول چاڪي پاڙو شهدادپور ضلع سانگهڙ جي ايڊريس تي موڪليو.


سلسليوار سروري سرهاڻ مئگزين بتول پرنٽنگ پريس اسٽيشن روڊ حيدرآباد مان ڇپرائي نم بنگلو مخدوم هالا مان پڌرو ڪيو ويو



# جیالوں کا امین، مخدوم امین فہیم

تحریر: محمد لقمان



پیپلز پارٹي کے سینیر رہنما امین فہیم کي پینتالیس سال پہلے شروع ہونے والي سیاسي اننگ بالآخر اختتام کو پہنچ گئی، کئی سالوں تک خون کے سرطان کے ساتھ جنگ لڑنے کے بعد وہ ہفتے کي صبح خالق حقیقي سے جا ملے، پیپلز پارٹي کے برے وقتوں میں مخدوم امین فہیم نے وہی کام انجام دیا جو کہ جنرل پرویز مشرف کے بر سر اقتدار آنے کے بعد ن لیگ کی بقا کیلئے مخدوم جاوید ہاشمی نے کیا۔

ضیاء الحق اور پرویز مشرف کے ادوار میں اس سیاسي رہنما کي وجہ سے پیپلز پارٹي کا سیاسي وجود برقرار رہا۔ پیپلز پارٹي پر پابندیاں لگیں تو انہوں نے ایک طویل عرصہ تک پاکستان پیپلز پارٹي پارلیمنٹیرین کے صدر کے طور پر بھاگ دوڑ سنبھالي۔

4 اگست 1939 کو اندرون سندھ کے قصبے ہالا میں پیدا ہونے والے مخدوم غلام محمد امین فہیم کا تعلق معروف روحانی گدي اور جاگیر دار گھرانے سے تھا۔ پاکستان پیپلز پارٹی سے وابستگی ان کو خاندانی میراث کي طرح ملی، مخدوم طالب المولیٰ آف ہالہ کے نام سے معروف اُن کے والد مخدوم محمد زمان پارٹی کے بانیوں میں شامل ہونے کے ساتھ ساتھ اس کے سینیر نائب صدر بھی تھے۔

والد کي وفات کے بعد مخدوم امین فہیم کو بھی پیپلز پارٹي کي اعلیٰ قیادت میں شامل ہونے کا موقع ملا، اچھے دنوں میں وہ پاکستان پیپلز پارٹی کے سینیر نائب چیئر مین جب کہ برے دنوں میں پاکستان پیپلز پارٹی پارلیمنٹیریز کے صدر رہے۔

امین فہیم پیپلز پارٹی کی مرحوم چیئرپرسن اور دو مرتبہ منتخب ہونے والی وزیر اعظم بینظیر بھٹو کے قابل اعتماد ساتھی تصور کیے جاتے تھے، بی بی کی جلاوطنی کے دور میں تو پاکستان میں پارٹي کے وجود کي بقا کیلئے انہوں نے اہم کردار ادا کیا۔

سال 1961 میں سندھ یونیورسٹی سے اعلیٰ تعلیم حاصل کرنے کے بعد امین فہیم پہلی مرتبہ 1970 کے عام انتخابات میں قومی اسمبلی کے رکن منتخب ہوئے اور چھ مرتبہ پارلیمنٹ کا حصہ رہے۔ سابق صدر پرویز مشرف کے دور میں انہیں بے نظیر بھٹو کو چھوڑنے کي صورت میں وزارت اعظمي کي پیشکش کي گئی، تاہم انہوں نے ٹھکرا دیا۔ دسمبر 2007 میں بے نظیر بھٹو کے قتل کے بعد پارٹی قیادت مخدوم امین فہیم کو ملنے کی بجائے ان کے شوہر آصف علی زرداری کو حاصل ہوگئی، رہی سہی کسر 2008 کے انتخابات کے بعد پوری ہوگئی۔ پارٹی کی کامیابي کے بعد وزارت عظمیٰ کا تاج مخدوم امین فہیم کي بجائے کسی اور کے سر پر رکھ دیا گیا۔ یوں چالیس سال سے زائد عرصہ پارٹی کی خدمت کرنے والے کو نظر انداز کر دیا گیا۔ واقفان حال کے مطابق اس کا غم ان کو تا مرگ رہا، تاہم صدر زرداري کے دور میں انہیں وفاقی کابینہ میں بطور وفاقی وزیر تجارت شامل کر لیا گیا۔

سال 2013 میں پیپلز پارٹي کي حکومت کے خاتمے کے بعد وہ عملی سیاست سے ایک طرح الگ زندگی گزار رہے تھے اور وزارت تجارت کے دنوں میں ہونے والی مختلف بدعنوانیوں کے مقدمات کے سلسلے میں نیب اور دیگر عدالتوں میں پیش ہوتے رہے۔ پارٹی کے دیگر رہنماوں کے برعکس انہوں نے بیرون ملک فرار ہونے کی بجائے پاکستان میں ہی رہنے اور یہی دفن ہونے کو ترجیح دی۔

Gul Hayat Institute

# دھیمے مزاج کی غیر متنازع شخصیت

ریاض سہیل

امین فہیم نے سنہ 1958 میں سندھ یونیورسٹی سے پولیٹیکل سائنس میں بیچلر کی ڈگری حاصل کی اور سنہ 1970 سے عملی سیاست میں قدم رکھا

پاکستان کے سینیئر سیاست دان مخدوم امین فہیم تمام جماعتوں کے لیے اپنے دھیمے مزاج اور گہری شخصیت کی وجہ سے غیر متنازع شخصیت تھے لیکن اپنی جماعت پاکستان پیپلز پارٹی میں بینظیر بھٹو کی وفات کے



بعد وہ یہ مرتبہ گنوا بیٹھے تھے۔

مخدوم امین فہیم تین مرتبہ وزارتِ عظمیٰ کی کرسی کے قریب پہنچے لیکن کبھی سیاسی وفاداری تو کبھی پارٹی قیادت کی وجہ سے وہ اس پر برا جماں نہ ہو سکے۔ جنرل (ریٹائرڈ) ضیاالحق کے دور میں انھیں یہ پیشکش ہوئی، اس کے بعد جنرل (ریٹائرڈ) پرویز مشرف نے بھی یہ آفر کی لیکن

مخدوم خاندان نے دونوں بار اس کو مسترد کیا۔

بینظیر بھٹو کی وفات کے بعد جب یہ اعلان ہوا کہ مخدوم وزیر اعظم بنیں گے تو سب کا خیال مخدوم امین فہیم کی جانب تھا لیکن آصف علی زرداری کی زیر قیادت مخدوم یوسف رضا گیلانی کو اس منصب کے لیے نامزد کیا گیا۔

پیپلز پارٹی کے سربراہ آصف علی زرداری سے مخدوم خاندان نالاں رہا اور اس عرصے میں بعض حلقوں نے مخدوم امین فہیم کی شخصیت کو متنازع بنا دیا، جس میں یہ الزامات بھی عائد کیے گئے کہ بینظیر کی وفات سے پہلے اور بعد میں وہ جنرل (ریٹائرڈ) مشرف کے ساتھ رابطے میں رہے اور یہ بھی خبریں سامنے آتی رہی کہ ان کی قیادت میں فارورڈ بلاک بنایا جا رہا ہے لیکن ساری افواہیں وقت کے ساتھ دم توڑ گئیں۔

مخدوم امین فہیم کی پیدائش 4 اگست سنہ 1939 کو ہالا میں ہوئی، ان کے والد مخدوم طالب مولیٰ کا شمار پاکستان پیپلز پارٹی کے بانیوں میں ہوتا ہے، پارٹی کا پہلا کنونشن بھی ہالا میں منعقد کیا گیا تھا۔

مخدوم طالب المولیٰ طالب سرور نوح کے گدی نشین، سروری جماعت کے روحانی پیشوا اور شاعر تھے۔ انھیں جنرل (ریٹائرڈ) ضیاالحق کے دور حکومت میں کئی پیشکشیں ہوئیں لیکن انھوں نے پیپلز پارٹی میں رہنے کو ترجیح دی بعد میں ان کے بڑے فرزند اور سجادہ نشین مخدوم امین فہیم نے اس روایت کو والد کی نصیحت اور وصیت کے طور پر جاری رکھا۔

امین فہیم نے سنہ 1958 میں سندھ یونیورسٹی سے پولیٹیکل سائنس میں بیچلر کی ڈگری حاصل کی اور سنہ 1970 سے عملی سیاست

Gul Hayat Institute



# سروري تنظيم جا مقصد

1: هي تنظيم خالص بهبود لاءِ آهي.
2: سروري جماعت جي ماڻهن ۾ تعليمي اقتصادي، اخلاقي ۽ سماجي سڌارا آڻڻ.
3: ڏکئي وقت ۾ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ.
4: شهري توڙي ڳوٺن ۾ سروري جماعت جي بهتري لاءِ ڪم ڪرڻ مسڪينن، بيواهن، يتيمن ۽ معذورن جي مدد ڪرڻ.
5: سروري جماعت جي ماڻهن کي لياقت آهر روزگار مهيا ڪرڻ.
6: جماعت جي ڀلائي لاءِ رٿايون تيار ڪرڻ.
7: جماعت جي ماڻهن جا مسئلا ۽ فيصلا تنظيم سطح تي حل ڪرڻ.
8: پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت تنظيمي سطح تي مسئلا حل ڪرڻ، بجلي، اسڪول، اسپتالون، رستا، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ زندگي جي ضرورتن لاءِ هر طرح سان ڪوشش ڪرڻ.
9: نفاق ختم ڪرڻ ۽ ايڪو قائم ڪرڻ.

## سروري تنظيم جا بنيادي اصول

اطاعت — سچائي — اتحاد — جدوجهد — خدمت

Gul Hayat Institute

1: اطاعت: الله تعاليٰ، نبي آخرالزمان ۽ مرشد جي احڪامن جي پيروي ڪرڻ.
2: سچائي: پنهنجي مقصدن کي سچائي سان حاصل ڪرڻ.
3: اتحاد: پاڻ ۾ اتحاد ۽ ڀائيچاري کي برقرار رکڻ.
4: جدوجهد: پنهنجي حقن ۽ مقصدن لاءِ جدوجهد ڪرڻ.
5: خدمت: سروري جماعت ۽ انسان ذات جي بي لوث خدمت ڪرڻ.